# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVI مجريه 2025

# SINDHACT NO.XXVI OF 2025

# سنڌ روينيو بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 2025

# THE SINDH REVENUE BOARD (AMENDMENT) ACT, 2025

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act No.XI of 2010

3. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Act No.XI of 2010

4. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of section 5 of Sindh Act No.XI of 2010

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVI مجريه 2025

# SINDH ACT NO.XXVI OF 2025

# سنڌ روينيو بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 2025

# THE SINDH REVENUE BOARD (AMENDMENT) ACT, 2025

[15 ڊسمبر 2025]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ روينيو بورڊ ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ روينيو بورڊ ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ روينيو بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 2025 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي

2.سنڌ روينيو بورڊ ايڪٽ، 2010 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ

دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act No.XI of 2010

چاڙهايل ايڪٽ سڏيو ويندو ان جي دفعہ 2 ۾:

(i) شق (h) کان پوءِ، هيٺيون نيون شقون شامل ڪيون وينديون:

"(hh) "نوٽيفڪيشن" مطلب هن ايڪٽ تحت جاري ٿيل ۽ سنڌ جي سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ٿيل نوٽيفڪيشن، جيڪو ان ۾ ڏنل تاريخ کان لاڳو ٿيندو، بشرطيڪ سرڪاري گزيٽ جنهن ۾ اهو نوٽيفڪيشن ظاهر ٿئي ٿو ان نوٽيفڪيشن جي تاريخ کان پوءِ واري ڪنهن تاريخ تي شايع ٿئي؛

(hhh) "آفيسر" جنهن ۾ شامل آهي سنڌ سيلز ٽئڪس آن سروسز ايڪٽ، 2011 (2011 جو ايڪٽ نمبر XII) جي دفعہ 34 تحت مقرر ٿيل ايس آر بي (SRB) جو آفيسر؛"؛

(ii) شق (k) ۾، آخر ۾ موجود سيمي ڪولن (؛) کان پوءِ، لفظ "۽" شامل ڪيو ويندو؛ ۽

(iii) شق (l) ۾، لفظ "۽" جي جڳهہ تي، لفظ "the" شامل ڪيو ويندو ۽ آخر ۾ موجود سيمي ڪولن (؛) جي جڳهہ تي فل اسٽاپ (.) شامل ڪيو ويندو.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act No.XI of 2010

3. چاڙهايل ايڪٽ جي، دفعہ 3 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "may to" جي جڳهہ تي، لفظ "may" شامل ڪيو ويندو؛

(ii) ذيلي دفعہ ۾، لفظن "ہر سال اهڙيءَ ريت جڏهن اهڙو ماڻهو اهڙي وڌايل عرصي جي ختم ٿيڻ تي پنجهٺ سالن جي عمر کان وڌي نہ وڃي" لاءِ لفظ "ٽي سال"

متبادل هوندا؛

(iii)ذيلي دفعہ (6) ۾، آخر ۾ موجود فل اسٽاپ جي جڳھہ تي ڪولن (:) شامل ڪيو ويندو ۽، ان ڪان پوءِ، هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

بشرطيڪ جتي غيرحاضري يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري سيڪريٽري جي آفيس خالي هجي، اتي بورڊ ايس آر بي (SRB) جي ڪنهن بہ اهڙي آفيسر کي، جيڪو ڪمشنر يا ڊائريڪٽر جي عهدي کان گهٽ نہ هجي، عارضي ترتيب طور بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ڪري سگهي ٿو."؛

(iv)ذيلي دفعہ (7) جي جڳھہ تي، هيٺيون متبادل هوندو:

"(7) بورڊ ٽن مهينن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو گڏجاڻي ڪندو يا اهڙن وقفن سان ٿيندو جيئن چيئرمين مناسب سمجهي.".

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act No.XI of 2010

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي، دفعہ 5 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) ۾–

(i) شق (a) ۾، لفظ "لاڳو ڪرڻ" لاءِ لفظ "جوڙڻ ۽ لاڳو ڪرڻ"متبادل هوندا؛

(ii)شق (b) جي جڳھہ تي، هيٺيون متبادل هوندو:

"(b) انساني وسيلن جي پاليسي مطابق ڪنهن بہ عهدي جو اندازو لڳائڻ، سڃاڻپ ڪرڻ، تخليق ڪرڻ، وڌائڻ، گهٽائڻ، مقرر ڪرڻ يا ٻيهر مقرر ڪرڻ، اپ

گريڊ يا ڊائون گريڊ ڪرڻ ۽ اندروني جاب پوسٽنگ ريجيم تيار ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ؛"

(iii)شق (i) ۾ لفظ "ڪمشنرز" لاءِ لفظ "آفيسرز" متبادل هوندو؛

(iv)شق (i) ڪان پوءِ، جهڙوڪ مٿي ترميم ٿيل آهي، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(i_a) لا آفيسرز مقرر ڪرڻ، چاهي اهي ڪل وقتي هجن يا عارضي، ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي، معاوضي سان يا معاوضي کان سواءِ، ته جيئن اهي قانون جي ڪنهن به عدالت، ٽربيونل يا ٻين عدالتي يا شبه-عدالتي (quasi_judicial) فورمن ۾ مقدمي بازي جي معاملن ۾ بورڊ ۽ ان جي آفيسرن جي نمائندگي ڪن ۽ اهڙا ٻيا فرض ۽ ڪم سرانجام ڏين جيڪي بورڊ پاران کين سونپيا وڃن يا گهربل هجن؛" ۽

(v)شق (j) ۾ :

(a)لفظ "صلاحڪار" ڪانپوءِ لفظ "لا آفيسرز" شامل ڪيا ويندا؛

(b)لفظ "ڪمشنرز" لاءِ لفظ "آفيسرز" متبادل هوندا؛ ۽

(c)لفظ ۽ ڪاما "فيلوز،" ختم ڪيا ويندا.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**